# [سائين رومي ـ اٺ سوَ سال]

September 30, 2007 at 6:44 pm | In Poetry, Sindhi, سنڌي |

## سائين روميءَ جي اٺ سَوَين ساليانو ورسيِ



اڄ سائين جلالدين رُوميءَ جي ورسي سڄي جڳَ ۾ پئيِ ملاهي وڃي. گڏيل قومن تعليمي سماجي سنسڪرتي تنظيمَ پاران هن سال کي رُومي سال رکيو ويو آهي. دنيا جي ٻين ٻين شهرن ۾ رُومي جو سال ملهايو ويو. هيٺ ڪاٻيِ نرڪَ هٽدا تہ رومي جي شان ۾ ڪيئي مجلسن بابت پڙهي سگهو ٿا جيڪي يورُپَ ۽ آمريڪا ۾ ٿيون آهن. ڪيترن ئي ورهين کان رُومي آمريڪا ۾ سڀ کان وڌيڪ وڪندڙ شاعر (جنهن جي مثنويءَ جا ترجما سڀ شاعري جي ڪتابن کان وڌيڪِ وڪاميا آهن ۽ جنهن کي شيڪسپيئر کان شايد وڌيڪ ماڻهون حوالو ڏين ٿا). افغانستان، جتي سائين رُومي ڄائو، اُتي ” طالبانن“ وهابي ڪٽرپڻي ۾ موسيقي تي پابندي وڌِي هُئي ۽ رُومي جي اثر کي پورو ڪرڻ جي ڪيائون پر هاٽي وري صوفي اُنهيءَ لاءِ شونق جاڳائن پيا.

http://clipmarks.com/clipper/Gul+Agha/search/rumi/



جيئين شاھ صاحب جي رِسالي کي سنڌي قرآن ليکبو، تيئين رُومي جي مثنوي کي فارسي قرآن ليکندا آھن. چون ٿا تہ پٽُ ڌڻي شاھ سائين پاڻ سان رومِي جي مثنوِي رکندا ھيا.

سائين رُوميءَ جي مثنوي جا انگريزي ۾ ڪيئي ترجُما ٿيا آھن، تن مان ڪي ڳنڍيل ڄارَ (”اِنٽرنيٽَ) تي آھن. مثال ھيٺيان (پھريان ٻہ ساڳيا ترجما آھن، ھڪ *پِي ڊِي ايفَ* شِڪلَ ۾ ۽ ٻيو *ايچُ ٽِي ايم ايلَ* ۾.

http://www.iranchamber.com/literature/jrumi/masnavi/masnavi_manavi.pdf

http://www.sacred-texts.com/isl/masnavi/

http://www.iranian.com/Arts/rumi.html

سائين رُومي جي وِرد جي ڳالھ شاھ سائين سُرُ يمن ڪلياڻَ جي ڇھن بيتن ۾ ھِن ريت ڪئي آھي (سمجھاڻيون ھيٺ ڏنلِ آھن).

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سُنھ سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راءِ

ماڙھُو اِتِ ڪِياءِ، مَنڊُ نہ پسين مَنڊِئو!

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سُنھ سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي روُءِ؛
جنِين ڏٺي جوُءِ، تنين ڪُڇئو ڪِينَ ڪِين.

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سُنھ سَرُ، اِيَ رومِيءَ چو آھِي؛
تاڙي جي لاھي، تہ مَنجھمِ مُشاھِدو ٿيي.

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سُنهه سَرُ، اي روميءَ جي رهاڻ؛
پهرين وڃائِڻ پاڻ، پَسَڻُ پوءِ پِريَنِ کي.

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سُنهه سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راحَتَ؛
جَنِين ڏِنِي مَتَ، تَنِين کُڇِئو ڪِينَ ڪِين.

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سُنهه سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي اوطاقَ؛
جي يَجِي دَرُ فِراقَ، تہ مَجهِمِ مُشاهدو ٿيي.

**ڪَٿَرَ** گهٽائي، جنهن ۾ طرح طرح جا نام ۽ روپ

**طالِب** ڳولهيندڙ

**سُنهه** سونهن

**سَرُ** اصل، مُنڍ، سرچشمہ

**رومي** مولانا جلالدين رومي ( 1207-1272)

**راءِ** رايو

**اندر رومي راءِ** رومي جي مثنويءَ ۾ اِهو رايو

**ڪٿاءِ** ڪتان؟ ڪتان آيا؟

**ماڙهُو اِتِ ڪِياءِ ماڻهون هِتِ ڪٿان آيا** ( بيت جي معنا تہ ڪثرتَ وهم آهي)

**روءِ** راءِ

**جوءِ** مڪان، جاءِ

**ڪچو ڪين** جن معرفت جي منزل حاصل ڪئي سي حيرت وچان ماٺ آهن

**چو آهي** چيو آهي

**تاڙي** رنڌڪ، بنهہ، حجابُ، پردو، اگيان يا **جهِل** جو پردو

**منجهم**ِ منجهئين

**مت** (**ست**) حقُ حقيقي

**در فراق** وڇوڙي جو در

(بيت ۽ سمجهاڻيون هوتچندُ مُولچندُ گُربخشاڻي واري رسالي مان آهن، سُرُ يمن ڪلياڻَ داستان پنجون).

هيٺين ويبَ ڪڙيءَ تي ٻڌي ڪابي نرَڪَ هٽندا...

http://www.youtube.com/watch?v=hqhNPY882kE